مطبوعه ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي

مقالو نمبر - ١٠

# سر سسئي آبري جو مطالعو

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز

ڀٽ شاهه حيدرآباد سنڌ

١٣٩٦ھ/١٩٧٦ع

 

# صاحب خان "سورھ" ميراڻي

**Cell No: 0344 - 3919786**

**Cell No: 0300 - 3404488**

ايڊمن : فيس بوڪ پيج ۽

Soorih Sindhi Adab

واٽس ايپ گروپ

مڪالمو نمبر-١٠

# سُر سسئي آبري جو مطالعو

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي عيسوي ٻه سؤ ٽيويهين ٻارهي (١٩٧٥ع) ۽ هجري ٻه سؤ ٽيهين ٻارهي (١٣٩٥هه) جي موقعي تي منعقد ڪيل مڪالمي جي ڪارروائي


مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ



شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز

ڀٽ شاه حيدرآباد سنڌ

١٩٧٦ع

ڇاپو ٻيهريون   صفر ١٣٩٦هه-فيبروري ١٩٧٦ع   هڪ هزار ڪاپيون

قيمت ٣-٧

ملڻ جو هنڌ:

الهه بخش ايم- نظاماڻي
اعزازي سيڪريٽري
شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي
سنڌ يونيورسٽي (پراڻي عمارت) حيدرآباد
يا
ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاهه، ضلعو حيدرآباد سنڌ

---

هيءُ ڪتاب جمالي پرنٽنگ پريس، مدينه مارڪيٽ، گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ ڇپيو، ۽ الهه بخش ايم- نظاماڻي اعزازي سيڪريٽري ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڇپائي، حيدرآباد مان شايع ڪيو.

# مهاڳ-١

حضرت شاه عبداللطيف رحه جي مستند سوانح ۽ شاه جي رسالي جي جامع ۽ معياري متن مرتب ڪرڻ لاءِ سنه ١٩٦٦ع ۾ بنده راقم، اعزازي سيڪريٽري جي حيثيت ۾ ”شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي“ جي آڏو هڪ تفصيلي تجويز پيش ڪئي، جنهن جي مدنظر ڪاميٽي پنهنجي گڏجاڻي مورخ ٣٠- سيپٽمبر ١٩٦٦ع ۾ حضرت شاه صاحب جي سوانح توڙي رسالي جي مختلف بنيادي ماخذن کي شايع ڪرڻ جي رٿا منظور ڪئي. ان کان پوءِ حضرت شاه صاحب جي شاعرانه عظمت ۽ رسالي جي تفصيلي مطالعي خاطر اهو به طي ڪيو ويو ته هر سالگره جشن جي موقعي تي حضرت شاه صاحب جي فڪر، ٻولي ۽ شاعري جي خاص موضوعن ۽ رسالي جي سيني سُرن مان هر هڪ تي عالمانه بحث مباحثي خاطر ”مڪالمو“ منعقد ڪيو وڃي، ۽ ان جي ڪارگذاري شايع ڪئي وڃي. هن پوئين تجويز مطابق سنه ١٩٦٦ع کان وٺي اهڙن مڪالمن جو سلسلو شروع ٿيو، ۽ هن وقت تائين هيٺين نَوَن (٩) موضوعن تي مڪالما منعقد ڪيا ويا آهن، جن مان هر هڪ ۾ پيش ٿيل مواد ۽ مباحثي بابت هيٺيان ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن.

| | |
|---|---|
| ١- شاه جي ڪلام ۾ اسلامي اقدار | ١٩٦٧ع |
| ٢- شاه جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار | ١٩٦٨ع |
| ٣- شاه، سنڌي ٻولي جو معمار | ١٩٦٩ع |
| ٤- سر ڪلياڻ جو مطالعو | ١٩٧٠ع |
| ٥- سر جمن جو مطالعو | ١٩٧١ع |
| ٦- سر ڪنڀات جو مطالعو | ١٩٧٢ع |

٧- سر سريراڳ جو مطالعو ١٩٧٣ع

٨- سر سامونڊي جو مطالعو ١٩٧٤ع

٩- سر سهڻي جو مطالعو ١٩٧٥ع

هيءَ انهيءَ سلسلي جو ڏهون ڪتاب آهي، جيڪو شاهه صاحب جي حيات ۽ پيغام بابت بنيادي مواد طور مفيد ثابت ٿيندو.

خادم العلم
نبي بخش

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد
١- جنوري ١٩٧٦ع

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| مهاڳ | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | |
| مڪالمي جي ڪارروائي | عابد بلوچ | ٣ |
| مرحبائي تقرير | اعزازي سيڪريٽري | ٥ |
| ١- سر سسئي آبري جو فلسفو | قادربخش ”زيب“ پٺي | ٩ |
| ٢- سر آبري جو فلسفو | غلام رسول بلوچ | ١٥ |
| ٣- سر آبري جو روحاني راز | عابد بلوچ | ١٩ |
| ٤- سر آبري جو مطالعو | محمد دائود بلوچ | ٢٣ |
| ٥- سر آبري جي موسيقي | سيد منظور نقوي | ٣٣ |
| ٦- سر آبري جي لغت ۽ معنيٰ | سيد نجف علي شاهه ”ڪمتر“ نقوي | ٣٨ |
| ٧- سر آبري جو مطالعو | عبدالغفور بلوچ نقشبندي | ٤٦ |
| ٨- سر آبري جو مضمون ۽ موضوع | پروفيسر مير محمد پيو | ٥٤ |
| ٩- سر آبري ۾ صرفي ۽ نحوي ترڪيبون | ”معمور“ يوسفاڻي | ٥٩ |
| ١٠- سر سسئي آبري جو متن | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | ٨٩ |
| Prof. M. Akram Ansari | I. Sasui Abri as Alleory of Life | |

جناب عابد بلوچ

# مڪالمي جي ڪارروائي

سرتاج الشعراء حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي عيسوي ٻه سو ٽيويهين ۽ هجري ٻه سو ٽيهين عرس مبارڪ (١٩٧٥ع-١٣٩٥هه) جي ٻئي ڏينهن (٢٧- فيبروري ١٩٧٥ع) تي ثقافتي مرڪز جي لئبرري هال ۾ هڪ ادبي مڪالمو منعقد ٿيو. ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪميٽي جي فيصلي موجب هر سال عرس مبارڪ جي موقعي تي شاه رحه جي رسالي مان سلسليوار هڪ سُر تي مڪالمو منعقد ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ سڄي سنڌ مان آيل برک عالم ۽ اديب پنهنجا مقالا پڙهندا آهن، ۽ مقالن ۾ آيل اختلافي مسئلن تي بحث مباحثو ڪندا آهن.

هن ڀيري مڪالمي جو موضوع "سر آبري جو مطالعو" رکيل هو. تقريب جي صدارت جناب سيد نجف علي شاه "ڪمتر" نقوي صاحب ڪئي.

سڀ کان اول ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪميٽي جي اعزازي سيڪريٽري جناب الهه بخش نظاماڻي صاحب مرحبائي تقرير ڪئي. هن صاحب شاه صاحب رحه جي ڪلام ۽ ڪلام مان "سر سسئي آبري" تي روشني وڌي، مڪالمي منعقد ڪرائڻ وارين ڪوشش جي اپٽار ڪئي ۽ آيل عالمن ۽ اديبن جا ٿورا مڃيا، جيڪي سنڌ جي ڏورانهن شهرن کان هلي هن مڪالمي ۾ اچي شريڪ ٿيا هئا.

مرحبائي تقرير کان پوءِ جناب نقوي صاحب پنهنجي صدارتي تقرير ڪئي. هن صاحب عالمن اديبن ۽ محقق حضرات تي زور آندو ته اهي لطيفي ڪلام جو صحيح ۽ معياري متن

۽ شرح مرتب ڪرائڻ جي سلسلي ۾ پنهنجي جان ۽ وقت خرچ ڪن ته جيئن ثقافتي مرڪز طرفان شروع ڪيل "شاھ صاحب جي سوانح ۽ رسالي واري رٿا" کي تقويت پهچي سگهي. هن صاحب سر سسئي آبري جي پڻ وضاحت ڪئي ته سسئي پنهون جي داستان واري هن سر کي "آبري" سڏڻ مان ڪهڙي مراد آهي.

ان کان پوءِ شاھ رحہ جي وڏي محقق، برک عالم ۽ اديب جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، شاھ جي رسالي ۾ سر آبري بابت پنهنجن خيالن کان واقف ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب شاھ رحہ جي ڪلام جي معياري متن مرتب ڪرڻ واري رٿا تي پڻ روشني وڌي ۽ هن مڪالمي بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو.

آخر ۾ آيل عالمن ۽ اديبن پنهنجا مقالا پڙهيا، ۽ اهڙي ريت هي تقريب خير خوبي سان اختتام کي پهتي.

جن عالمن ۽ اديبن هن مڪالمي ۾ حصو ورتو ۽ پنهنجا مقالا پڙهيا تن جا نالا هي آهن:

١- جناب سيد نجف علي شاھ "ڪمتر" نقوي
٢- جناب پروفيسر محمد اڪرم انصاري
٣- جناب غلام رسول بلوچ
٤- جناب سيد منظور نقوي
٥- جناب قادر بخش "زيب" پنهور
٦- جناب مير محمد پيرو
٧- جناب محمد عمر "معمور" يوسفاڻي
٨- جناب عابد بلوچ

جناب محمد دائود بلوچ ۽ عبدالغفور بلوچ نقشبندي پنهنجا مقالا موڪلي ڏنا هئا، جيڪي پڻ هن مجموعي ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

مطلب ته شاهه صاحب هن قصي ۾ سسئي جي اوٽ وٽي، سر آبري، معذوري، ڪوهياري، ديسي ۽ حسيني ۾ ڏيکاريو آهي ته ڏکن ڏاکڙن، مشڪلاتن ۽ تڪليفن کي ڪيئن منهن ڏيئي پنهنجي منزل مقصود تي پهچجي. جئن هاڻ فرمائي ٿو:

تتي ٿڌي ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي
متان ٿئي اونداهه، پير نه لهين پرينءَ جو.

انهن چند لفظن چوڻ بعد آخر ۾ وري به آءٌ صدر محترم ۽ سڀني اديبن ۽ عالمن جو ٿورائتو آهيان، جن ڀلائي جا ڀير ڀري حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس مبارڪ جي موقعي تي هن ادبي سيمينار ۾ شريڪ ٿي اسان جي همت افزائي ڪئي آهي. هاڻي آءٌ صدر صاحب کي عرض ڪندس ته هن مڪالمي جو افتتاح ڪرڻ فرمائين.




قادر بخش زيب پتي

# سر سسئي آبري جو فلسفو

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه سسئي کي ڀورن پنجن سرن منجهه ساريو آهي: سر سسئي آبري، سر معذوري، سر ديسي، سر ڪوهياري ۽ سر حسيني. جنهن ۾ سسئي جي سورن، ڏکن ڏاکڙن ۽ جانب سان جيءَ جڙڻ جا جذبا ڄاڻايل آهن. سسئي آبري ۾ 'آبري' يعني آيري ۽ ضعيف سسئيءَ جو ذڪر آيل آهي. هن سر ۾ ڀٽ ڌڻيءَ لطيف سائين پاڻ ۾ پيهي روح جي رهاڻ ڪرڻ سان سپرينءَ کي پنهنجو پاڻ ۾ ڀسڻ جو فلسفو پيش ڪيو آهي. جن ۾ سپرينءَ جي سونهن جي سموند مان سرڪي پيتي آهي، آهي ئي عشق الاهيءَ جي اگهه اوڏو آيا آهن. ڌڻيءَ ۽ انسان جي وچ ۾ ڪابه وڇوڙي جي وات ڪانهي. جدائي جا جذبات مڙيئي عارضي آهن، جنهنڪري انسان آڻ چاڻ ٻئجي جانب جي لاءِ جهر جهنگ جهاڳيندو ۽ رڻ روليندو رهي ٿو. جنهن کي جانب جو جمال، سڄڻ جي سڪ ۽ سوز سيني ۾ سمايل آهي، سي عشق جي اونهائيءَ ۽ آسات جا آڇايل آهن. لطيف سائين فرمايو آهي ته:

ڀسي جهاجهه جمال جي، جنين پيتي پڪ
آير آڳانجهو ٿيو، سور آنين کي سيڪ
هڏ نه ڀڳين هيڪ، سدا سائر سير ۾.

جن جي من ۾ محبت جي مانداڻ متل هوندي آهي، تن جي اندر ۾ آناهه اچ هوندي آهي. سسئيءَ جو ڪردار به

پيهي جان پاڻ ۾، ڪم روح رهاڻ
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچڻ ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي ٿيان سور هئا.

انسان سراپا سونهن آهي، سندس سونهن ۾ جانب جي جلا ۽ جوت جرڪندي آهي ۽ سائينءَ جي صورت جو عڪس پرتئو پيل هوندو آهي. لطيف سائينءَ جو هيءُ فڪرانگيز بيت شاهد آهي تہ:

پنهون ٿيس پاڻهين، ويئي سسئيءَ جي سونهن
خلق آدم علي صورته، اٿين وٺن منجهہ ورونهہ
چريءَ منجهان چونهہ، ڪئي هوت هنج ڪيو.

وري ٻئي هنڌ لطيف سائين ”سپرين ساڻ“ هئڻ جو ثبوت ڏيندي فرمائي ٿو تہ:

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوه پرياڻ؟
ونحن اقرب اليہ من حبل الوريد، تنهنجو توهين ساڻ
پنهنجو آهي پاڻ، اڏو عجيبن ڪئي.

پنهون پاڻ ٿيڻ ڪان پهريائين، يار جي منزل ماڻڻ لاءِ، وٿاڻ ووڙڻ، جدائيءَ جي جام پيڻ ۽ دردن جون دونهيون دکائڻ جا دردناڪ ۽ دل ڏاريندڙ دؤر ڏسڻا پون ٿا. لالڻ لال لطيف سائينءَ جا هي ٻہ بيت نهايت انوکي انداز ۾ چيل آهن تہ:

ووڙيم سڀ وٿاڻ، يار ڪارڻ جت جي
الله بڪل شيءِ محيط، اي آرباٽيءَ آڄاڻ
سڀ ۾ پنهون پاڻ، ڪيئهي پيو پروچ ري.

وري فرمايو اٿس تہ:

جدائيءَ جو جام، ڏنائون ڏکيءَ کي
منگل منهنجي من ۾، پاريو هوت حمام
ارڪ ٿيو آرام، ڪاڪل پسي ڪانڌ جو.

ڪانڊ جي ڪاڪل جي ڪڪُل سڄي، پنھنجي جمال جو جلوو ۽ جوت جلائي پنھون پرينءَ ۾ فنا ڪاڏي ھئي. جنھن کي اکين آڏو پنھونءَ کان سواءِ ڪا شيءِ نظر نٿي آئي. جنھن جي دانھن ۽ آھن ڏونگر ڏاري ڇڏيا ۽ پنھونءَ جي پيار جي پيڙا ۾ پنھنجو پاڻ وڃائي ويٺي! جنھن جي جيءَ جي جذبات کي لطيف جادوءَ جھڙن لفظن جو جنسار ڏيئي ڇڏيو آھي. لطيف سائين فرمائي ٿو تہ:

اکيون آريءَ ڄام جون، انڌيءَ سين آھين
ڏسيو ڏيکارين، پيشاني پنھونءَ جي.

سسئي سچ جي سڪ سيني ۾ سمو ھي، پنھنجا پساھ پورا ڪري ڇڏيا ۽ دنيا جي ديوارن جي انڌيرن مان نڪري ڪوڙ جا ڪوٽ ڊاھي، روحاني واھ ڏانھن راھي ٿي. تڏھن بہ پنھنجي پرينءَ جون پڇائون پئي ڪيائين. لطيف سائين فرمائي ٿو تہ:

منڪر ۽ نڪير کي جڏھن ڏنائين
اڳيان آئي ان کي، پنھون پڇيائين
ادا! اتائين، ڪو ويو ماڳ سچ جو؟

آخر ۾ ايترو عرض ڪندس تہ پٽائي گھوٽ، لاکيڻي لال لطيف سائينءَ سر سسئي آبريءَ ۾ انسان ۽ رب جي روحاني رشتي کي ملائڻ لاءِ، جانب جو جمال، جدائيءَ جو ڄام، سڪ جو سوادي سنيھو ۽ پيار جي پيڙا ۾ پنھنجو پاڻ وڃائڻ جو پيغام، حقيقت جي فلسفي ۾ ڏيئي، پنھنجي عظيم شاعريءَ کي لازوال ۽ باڪمال بڻائي ڇڏيو آھي.

---

شاه صاحب پنهنجي سر وانگر هن سر ۾ پڻ سونهاريءَ سنڌ جي هڪ مجازي محبت جي داستان کي تمثيلن ۽ تشبيهن ذريعي اجاگر ڪندي سالڪ کي حقيقي عشق جي مختلف منزلن وارن ۽ رمزن، عشق جي اڙانگن پرن ۽ پيچرن، ڏکن ۽ ڏولاون کان آگاه ۽ خبردار ڪيو آهي. فرمائي ٿو:

واقف نه ونڪار جي، پاٽي ڪنهن نه پاءِ
جبل جلدايون ڪري، تک ڏيکاري تاءِ
لڳي لک لطيف چئي، معذورن مٿاءِ
اٿي اوڏو آءِ، جت هوتا هيڪلي آهيان.

---

وڏا وڻ ونڪار جا، جت نانگ سڄڻ نيلا
آتي عبداللطيف چئي، ڪنا هيڪلين حيلا
جت ڪڙم نه قبيلا، ات رسج رهبرا راه ۾.

شاه صاحب ڪٿي عاشق کي صبر ۽ تحمل اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪندي فرمائي ٿو:

صبر ۽ شڪر ڪي، ونئي آءُ ويئي
ڏکي سين ڏيئي، ڪاڪج اڃي ڪڍهين.

ته ڪٿي وري اڃ ۽ اسات کي اجهائڻ لاءِ جانب جي جمال جو جلوو پسڻ ۽ محبوب جي مشاهدي ماڻڻ جي هدايت ڪندي ٿو فرمائي:

محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تار
پي پيالو اڃ جو، اڃ سين اڃ اٿيار
پنهونءَ پاڻ پيار، ته اڃ سين اڃ اجهايان.

ڪٿي عاشق کي ضعيف، معذور ۽ بيوس ڏيو بتائي ته ڪٿي سالڪ ۾ سڪ ۽ سڌ پيدا ڪري منجهس عشق جي راهن ۾ اڳيان ايندڙ ڏکن ۽ ڏاکڙن کي برداشت ڪرڻ جو عزم پيدا ڪندي فرمائي ٿو:

جناب عابد بلوچ، سنڌيونيورسٽي

# سُر آبريءَ جو روحاني راز

سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف رح جي رسالي جو تفصيلي مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته سندس ڪلام ۾ سنڌ ۽ سنڌ سان لاڳو علائقن جي مشهور قصن کي بيان ڪرڻ سان گڏ هن ملڪ جي تهذيبي، ثقافتي ۽ تاريخي حالتن کي پڻ نروار ڪيو ويو آهي. پر سڀ کان وڏي ڳالهه جيڪا شاهه سائين جي ڪلام ۾ اسان کي ملي ٿي، اها آهي وحدانيت جو پرچار. ڀلاري ڀٽ ڌڻي پنهنجي سموري ڪلام ۾ قادر جي قدرت، حڪمت ۽ واليت جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ ان سان گڏ انهيءَ هستيءَ مطلق کي سڃاڻڻ ۽ سندس راضپو حاصل ڪرڻ واري واٽ ڏسي اٿس. جيڪڏهن ڪنهن محقق يا عالم کي لطيف سائين جي ڪلام مان سماجي انقلاب جا اهڃاڻ نظر اچن ٿا يا ڌرتيءَ سان محبت ڪرڻ جو پيغام ملي ٿو ته اهو به پنهنجي جاءِ تي صحيح آهي، پر اصل حقيقت هيءَ آهي ته لطيف رحه انسان کي خوش حال ۽ خوش خيال ڏسڻ لاءِ سندس ذهن ۾ الاهي وحدت ۽ محبت جو واسو ڪرائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، ڇو ته فقط خدا جي خدائي جي صحيح ڄاڻ ۽ سڃاڻ هجڻ، ۽ خوديءَ وارا خيال ڇڏڻ سان ئي انسان ۾ انسانيت يا ماڻهپو پيدا ٿئي ٿو، ۽ اهو ماڻهپو ئي آهي، جنهن سان سماجي انقلاب جي واٽ ليي ٿي، جنهن سان وطن سان اُنس ۽ اڪير پيدا ٿين جي راهه روشن ٿئي ٿي.

جناب محمد دائود بلوچ

# سر آبري جو مطالعو

”اڏر نڏر ايري، آسونهين آهيان.“

شاهه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ، جنهن کي ڀٽ ڌڻي، لاکيڻو لطيف، ڀٽائي گهوٽ ۽ شاهه جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو، سو نه رڳو سنڌي زبان جو عظيم شاعر هو، پر هو هڪ عظيم انسان، صوفي ۽ بزرگ هو. شاهه صاحب سر زمين سنڌ جي قصن ڪهاڻين کي، شاعري جي روپ ۾ پيش ڪيو ۽ انهن ڪهاڻين کي ’سرن‘ جو روپ ڏيئي، شاهه صاحب حقيقت ۽ معرفت جا بي بها شاهڪار پيش ڪيا، جن کي عام طور ’شاهه جا بيت‘ چيو وڃي ٿو. شاهه صاحب انهن سرن ۽ بيتن ۾ پنهنجي دل جي گهراين جو ذڪر ڪندي، محبت جي منزلن، محبوب سان وصال لاءِ راهه ۾ ايندڙ رڪاوٽن، مصيبتن ۽ مشڪلاتن جو بيان ڪيو آهي ۽ طالب کي حق جي راهه ۾ هلڻ سان رستي جي مشڪلاتن کان آگاهه ڪيو آهي.

شاهه صاحب جي رسالي پڙهڻ ۽ سمجهڻ وارن کي معلوم آهي ته شاهه صاحب وٽ لفظن جو ڪيترو ذخيرو هو، سندس معلومات ۽ ڄاڻ ڪيتري نه وسيع هئي. منجهس ڪيتريون نه شاعرائيون خوبيون هيون. مثلاً شاهه صاحب اٺ لاءِ ڪيترا نالا ڏنا آهن، جهڙوڪ: اٺ، ڏاگهو، ڪنوات، ليڙو، چانگو، ڪرهو، ميو وغيره. ان ڪانسواءِ شاهه صاحب جي رسالي ۾ جتي جتي ضرورت پوي ٿي، اتي شاهه صاحب بلوچي، عربي، فارسي، سرائڪي، هندي، ٿري وغيره لفظن، جملن ۽ محاورن

جو استعمال ڪيو آهي. ان مان ظاهر آهي ته شاهه سائين جي معلومات وسيع هئي.

سنڌي زبان جو عظيم محسن، جنهن شاهه جي رسالي کي اسين اوچي ڳاٽ ۽ فخر سان دنيا جي اڳيان پيش ڪري سگهون ٿا. لاکيڻي لطيف پنهنجي رسالي ۾ ستن سورمين کان وڌيڪ سسئي کي جاءِ ڏني ۽ سسئي کي ڳايو. ڇاڪاڻ ته سسئي حق جي طالب هئي، حق جي ڳولا ۾ هئي. سسئي هڪ بيوس، مجبور ۽ مظلوم عورت هئي، انهي ڪري شاهه صاحب ٻين کان وڌيڪ ڪيس رسالي ۾ جاءِ ڏني ۽ ڪيس ڳايو.

هتي جيئن ته سر سسئي آبريءَ متعلق بيان ڪرڻو آهي تنهنڪري ٻين سرن ۽ بيتن جو ذڪر ڪرڻ مقصد نه آهي. پنائي گهوٽ سنڌ جي قصن ڪهاڻين کي ساهون وکي ان موجب سرن بيتن کي ترتيب ڏنو ۽ انهن بيتن ۾ اصلاحي، اخلاقي، انقلابي، تعميري، حقيقي، معرفت ۽ تصوف جا سبق ڏنل آهن. شاهه سائين ڪنهن به غير سنڌي ڪهاڻيءَ کي پنهنجي رسالي ۾ جاءِ نه ڏني. شاهه صاحب هميشه مظلوم جي حمايت ڪئي، سنڌ سان به هميشه مظلوم سان رهيو ۽ عورت ئي مظلوم آهي، سا به سسئي.

جيئن ته 'سسئي آبري' جي نالي جي ڪابه راڳڻي ملڪي موسيقيءَ ۾ نه آهي، تنهنڪري شاهه صاحب سسئيءَ جي اپرائي، ڪمزوري، بيوسي ۽ مجبوريءَ کي ڏسي هن سر تي "سر سسئي آبري" نالو رکيو. سسئيءَ جي اپرائي ۽ ڪمزوريءَ لاءِ شاهه صاحب جيڪي بيت سر سسئي آبري ۾ پيش ڪيا، سي هن سر جي وضاحت ڪن ٿا. هتي ڪجهه بيت مثال طور پيش ڪجن ٿا:

١- اڏي، نڏي، اپري، اونهين آهيان

لڙڪ لعل لطيف چئي، ور لئي وهايان

هيجان هنجون حب ۾، هوتن لئي هاريان

جانب ضعيفيءَ سين، پنهون پهايان
پيهان پچايان، جي سون نيو پاڻ سين.

٢- اڏڙ، نڏڙ، ايري، آهيان اسونهين
پرڏيهي پرين ڪيا، مرڻ لئي سونهين
سسئي کي سيد چئي، تنگڻ ۾ تونهين
هاريا ڪنڻ هونهين، ري سر سڏون ڪرين.

٣- انڏڙ، نڏڙ، ايري، اسونهين آئون
چيٽا چور چڱنجڻ ۾، ٻر ۾ بلائون
موٺ پنهون پاهون، متان محب مري رهان.

٤- اڏڙ، نڏڙ، ايري، اوڳي، اوائي
ڪين نهاري نڪرين مائس سڳائي
لاڳاپن لطف چئي، منڌ راڻي رهائي
جلڻ، جڏائي، آريا لاهه اميل تان.

٥- اڏر نڏو ايري، گمن گهائي
سا ڪيئن ويهي ويسري، جا گهائي گهائي
پيني پيش پنهون جي، آسن ۾ آئي
جا لڪن لوسائي، سا سيج چڙهندي سسئي.

٦- اڏڙ، نڏڙ، ايري، سڏر ني سچي
سپڪ ني سيد چئي، پهڻ منجهه پچي
معذور کي مارو ڪيو، اولاڪن اچي
منجهان واهه رچي، ننڙي لال، لطيف چئي.

٧- اڏڙ، نڏر ايري، وبچاري نه وري
لالڻ ڏي، لطيف چئي، پري پيري پري
ڪميني ڪري، ڪارون ڪيچ ڏئين کي.

مٿين بيتن ۾ شاهه صاحب سر سسئي آبريءَ ۾ سسئي جي ڪمزوري، ايرائي وغيره جو بيان ڪيو آهي ۽ انهي مضمون ۾ سسئيءَ جي ايرائي ۽ بيوسيءَ لاءِ هيٺيان نالا ڪم آندا آهن: ڪمزوري، ضعيفي، ايرائي، نڌڪي، بيوسيلي، ڪوجهي،

تماشو آهي. يا گهمڻ ڦرڻ ۽ سير تفريح جي جاءِ آهي. ڪيچ جو پنڌ اها ڪري جيڪا جيءُ مٺو نه ڪري. ڪيچ گهمڻ ڦرڻ ۽ سير تفريح جي جاءِ نه آهي. چند بيتن سان ان جي وضاحت شاهه صاحب هيئن ڪئي آهي.

١– هيج نه هوندو جن، سي ڪيئن وندر ويندئون
وهو وچ رهن، سهسين سڏن واريون.

٢– ڪيچ نه جنبڻ جاءِ، نه ڪا هلي هوت ڏي
مون سين هلي ساءِ، جا جيءُ مٺو نه ڪري.

٦– سکڻ واري سنڌ، متان ڪا مون سين ڪري
اندر جنهن اڌ، ڏونگر سي ڏوريندئون.

ساڳي سر سسئي آبريءَ ۽ سسئي (سالڪ) کي شهر جا ماڻهو روڪين ٿا ته: تون نه وڃ، رستي ۾ مشڪلاتون ۽ مصيبتون آهن. انهيءَ تي سسئي انهن کي موٽ ۾ جيڪو جواب ڏني ٿي، اهو شاهه صاحب هن طرح بيان ڪيو آهي:

١– چڪس سپ چئي، ماڙهو شهر ڀنڀور جا
ساسوٽي ڪيئن سئي، جنهن جو جانب جت وٺي ويا.

١– مونکي جي مصلحت، سون کي ڏيو ۾ جيڏيون
نهاريندس نڪري، آريـائي الـبـت
ڪنديس اوٽ عجيب جي، لکن ڏيئي لت
مرتيون شريڪت، آءٌ ڪيئن آگن سين ڪريان.

٣– مونکي مران م ساءِ، مونکي ڪان اڳي مران
لڄي لالن لاءِ، شال پونديس پير تـي.

٤– نمائيءَ جـي نجهري، روئـن ۽ راڙهــو
ڪنل جــي قلب ۾ قرب جو ڪاڙهـو
هوتن لئي هاڙهو، سپ وڳنديس رت سين.

انهيءَ کان پوءِ شاهه صاحب سسئي (سالڪ) جي سڪ ۽ محبت جو مثال پيش ڪندي، سر سسئي آبري ۾ چوي ٿو:

١- پير پٽان ٿي ڪُنرا، ڏونگر مٿي ڏي
ڦٽنا ڦڻ فقير جا، سيرون ٽمڙا سي
جهڙي تهڙي حال سين، پُري پنهون ڏي
وڃي ماڻ وري، پانهي پنڌڻ جنهن سين.

٢- پير پٽان ٿي ڪُنرا، ڏونگر مٿي ڏي
پاڻ نه پسي ڦٽنو، ڪڙهي ڪيچين ڪي
هاڙهو هوت پري، ڪوهه چاڻان ڪنءِ لنگهيا.

٣- ڪڙهي ۽ ڪڙي، پر ۾ پير پنهون جو
سڪ پڏائين سندرو، جانب لئي جڙي
لڪڻ سر لطيف چئي، سنڌ جهيڙي ۽ جهڙي
پٽي تان نه پڙي، جي عمر سڀ ايئن ڪري.

٤- ڪي ڪي ڪڙيان پير، ڪ ڪڙهان ڪيچ ڏئين لئي
اي ڏنءَ ڏيئي ڏير، پاڻان پراهان وٺا.

٥- هيڪليائي هاڻ، پوريندس پنهون ڏي
ڪنديس ڪوهيارل سين، رچي روح رهاڻ
رلي چلي چپرين، ڪنهن پر لاهيان ڪاڻ
آهيان گهڻو اچاڻ، پر سور پريان جا ساڻ سون.

٦- هيڪليائي هيل، پوريندس پنهون ڏي
آڏا ڏونگر لڪيون، سوريون سڄڻ سيل
ته ڪريلي آهڻ پيل، جي سور پريان جا ساڻ سون.

شاهه جي رسالي جي سر سسئي آبري جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته هن سر ۾ شاهه صاحب سسئي کي مختلف مرحلن مختلفه نونن مان مخاطب ٿئي ٿو. ڪٿي سسئي جي ڪمزوري، مجبوري ۽ بيوسيءَ جا بيت چيا اٿس ته ڪٿي وري ڪيس ڏونگر

ڏورڻ لاءِ هٿائي ٿو ته جن کي سچي محبت ۽ سڪ هوندي، سي منزل ماڳ تي پهچڻ جي ڪوشش ڪندا. جن کي هنئين ۾ حب هوندي، سي ئي ڪيچ پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيندا. ڪٿي وري سسئي (طالب) کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته جنهن جي ڳولا ۾ تون وندر وڙين ٿي اهو ئي توسان گڏ آهي. تون پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏس. اهڙي طرح پٽائي گهوٽ سالڪ کي رستي جي خطرن، مصيبتن ۽ مشڪلاتن کان آگاهه ڪري ٿو.

بهرحال سسئي پنهون جي مجازي عشق ۾، حقيقي عشق جو راز سمايل آهي. ڀٽ ڌڻي سسئي پنهون جي قصي مان سالڪ کي راهه ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هتي سسئي مان مراد آهي سالڪ يا طالب، جو دنيا جي نعمتن کي ڇڏي، حقيقي عشق ۾ پنهنجي محبوب جي وصال لاءِ سور ۽ سختيون سهي، رستي جي رڪاوٽن ۽ مشڪلاتن مان پار ٿي وڃي پنهنجي محبوب سان ملي.

پنهون مان مراد آهي حقيقي محبوب يا منزل مقصود. اهڙي طرح سسئي (سالڪ) جا مخالف يا دشمن آهن: ڏونگر، ڏاگها، ڏير، وڻڪار، نانگ بلائون، وغيره.

سسئي پنهون جي هن قصي ۾ وڏو راز رکيل آهي. حقيقي منزل جا طالبو هن مان سٺو سبق وٺي سگهن ٿا. سسئي، هڪ ڪمزور مظلوم عورت، بيوسيلي، بي‌مددگار، ڏکن ڏاکڙن جي پرواهه نه ڪري پنهنجي حق جي ڳولا ۾ ڏونگر ڏوري ٿي ته سالڪ به ان مان سبق وٺي پنهنجي حقيقي مالڪ سان ملڻ لاءِ دنيا جي سڀني خوشين ۽ نعمتن کي ڇڏي انهيءَ راهه تي هلي، آخر وڃي پنهنجي منزل تي پهچي. آخر ۾ هتي شاهه سائين جا ٻه بيت ڏيڻ مناسب سمجهان ٿو:

اول آخر آهين، هلڻ منهنجو هوت ڏي
ٻورهيو سندو ٻورهيتن، والي ڪيم وڃاءِ
سو مون ٽورو لاءِ، جنهن جيڏري ملان جت کي.

---

اڏيون آئون اڃاڻ، مون سڱ سڃاڻي نه ڪيو
هوند نه سٽيم هيتري، ڪوهياري جي ڪاڻ
وتيءَ جي رهاڻ، جيءَ اڙايم جت سين.

---

مٿين ڏسيل موسيقي جي قانون جي آڌار تي اسين نه صرف وڃايل سر ڳولهي لهي سگهنداسين، بلڪ ”ڪئين نج سنڌي راڳ ايجاد به ڪري سگهنداسين.

آءٌ وري به اهو عرض ڪندس ته شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز وارا فقط تاليفن تي ڌيان نه ڏين پر تصنيف ۽ سنڌ جي موسيقيءَ ڏي به ڌيان ڏين، ته جيئن سنڌ جي ثقافت کي ڪو خاطرخواه فائدو رسي سگهي.

---

ارباب دانش کي غور ۽ فڪر ڪرڻ جي دعوت ڏيندس. ممڪن آهي ته انهي نهج تي تدبر ڪرڻ سان اسين ڪنهن صحيح نتيجي تي پهچي سگهون. سنڌي ٻوليءَ بابت انهي وانگر نظريه جي مخالفت ۾ اڻين چئي سگهجي ٿو ته، سنڌي ٻولي به عربي ۽ سنسڪرت زبانن وانگي، هڪ بنيادي، مڪمل ۽ قديم زبان آهي. جيڪڏهن ڪنهن به ٻي ٻوليءَ جا ڪي لفظ يا گرامر جون ڪجهه ترڪيبون، سنڌي زبان سان، ڪنهن حد تائين ملندڙ جلندڙ آهن ته ان جو اهو مطلب نه آهي ته ڪو سنڌي ٻولي انهي زبان مان نڪتي آهي، پر ان جي برعڪس اڻين به چئي سگهجي ٿو ته خود آهي زبانون سنڌي ٻوليءَ مان نڪتيون آهن يا انهن ٻولين تي سنڌي زبان جو گهرو اثر پيل آهي. سون وٽ انهي نظريه جي موافقت ۾ گهڻائي دليل آهن، وقت جي تنگيءَ جي ڪري، انهن مان ڪي ٿورا دليل پيش ٿو ڪريان.

موئن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل آثار قديمه جي مطالعي مان اهو ثابت ٿي چڪو آهي، ته اڄ کان پنج هزار سال اڳي به سنڌي زبان موجود هئي ۽ ان کي لکڻ لاءِ، پنهنجي هڪ مخصوص قسم جو رسم الخط هو. هاڻي جيڪڏهن اهو تصور ڪجي ته سنڌي ٻولي سنسڪرت يا انجي ڪنهن شاخ مان نڪتل آهي ته پوءِ موئن جي دڙي واري سنڌيءَ جي صورتخطي به سنسڪرت، هندي يا ديوناگري الف بي ۾ هجي ها. ليڪن ان جي برعڪس، موئن جي دڙي واري سنڌيءَ جي الف بي اهڙي آهي جو انهي جهڙي الف بي دنيا جي ٻي ڪنهن به ٻوليءَ ۾ موجود ڪانه آهي. اهوئي سبب آهي جو سڀ دنيا جا ماهر، اڃان تائين دڙي مان هٿ آيل لکتين کي صحيح نموني سان پڙهي ۽ سمجهي ڪونه سگهيا آهن.

منهنجي محترم ۽ قابل صد احترام استاد، جناب ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ جن جي تحقيق مطابق، پاڪستان جي

واقف نہ وڻڪار جي، باري سجهڻ ٻر
ور وسيلا سپريـن، ڏڪيس ڏوري ڏر
لهج لال لطيف چي، ڪانڌ مٺيءَ جي ڪر
ولهي ڪري ورا متان مارڳ ڇڏيين.

آخر ۾ ايترو عرض ڪندس تہ هڪ مڪيہ ۽ بنيادي زبان جي شاهوڪاريءَ جو هڪڙو اهو بہ ثبوت آهي تہ، اهڙي زبان ۾ هڪ ٻئي سان لاڳاپو رکندڙ شين جا نالا بہ صوتي توڙي معنوي لحاظ سان ذري گهٽ هڪ جهڙا هوندا آهن. جيئن هن مضمون مان ثابت آهي تہ سنڌي ٻوليءَ موجب جيڪو رستو منزل تائين پهچائي ٿو، ان رستي جو نالو آهي "مارڳُ" ۽ جيئن تہ رستي جو سڌو سنئون لاڳاپو منزل مان هوندو آهي، تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ منزل جو نالو رکيو ويو آهي 'مارڳُ'۔ مارڳ ۽ ماڳ جي اُچارن ۾ جيڪا هڪ جهڙائي ۽ يڪسانيت آهي، ان جا مثال دنيا جي ٻين مڪيہ ۽ بنيادي زبانن ۾ تمام ٿورا ملندا. هڪ ٻئي سان لاڳاپو رکندڙ شين جي نالن رکڻ ۾، تلفظ جي بہ جيڪا هڪ جهڙائي ۽ يڪسانيت، سنڌي ٻوليءَ قائم رکي آهي، ان جا ڪيترائي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. جيئن تہ اهو هڪ دلچسپ ۽ جداگانہ موضوع آهي، تنهن ڪري انهي موضوع تي ڪنهن ٻئي مضمون ۾ اظهار خيال ڪيو ويندو.

---

جناب عبدالغفور بلوچ نقشبندي

# سر سسئي آبريءَ جو مطالعو

شاھ صاحب جو ڪلام بحر بي پايان آھي، پاڻ معرفت جي سمنڊ جا بيبها موتي ۽ هيرا پنهنجي رسالي ۾ گڏ ڪري ڇڏيا اٿن. شاھ صاحب جو ڪلام جامع آھي، جڻ درياءَ کي ڪوزي ۾ بند ڪيو ويو آھي. شاھ صاحب پنهنجي بيتن ۾ ھڪ ئي وقت ڪيترا راز سمائي ڇڏيا آھن ۽ ھر ھڪ بيت جون ڪيتريون ئي جدا جدا معنائون نڪري سگهن ٿيون. شاھ سائين جي ڪلام تي صحيح ۽ مڪمل راءِ ڏيڻ واري چاڻ تہ مون ۾ ڪانهي، پر خريدارن يوسف وانگر شريڪ محفل ٿي خدمت ۾ ڪجھ پيش ڪريان ٿو.

اولياءالله، قرب الاهي حاصل ڪرڻ جا ٻہ طريقا انتخاب فرمايا آھن، جن ذريعي طالب پنهنجو مقصد حاصل ڪري سگهي ٿو. انهن مان ھڪ محنت ۽ رياضت ذريعي قرب حاصل ڪرڻ آھي، جنهن کي سالڪ مجذوب چئجي ٿو. ٻيو وري مجذوب سالڪ آھي، جو عشق ۽ محبت جي ذريعي قرب الاهي ۽ روحاني راز حاصل ڪري ٿو. مجذوب سالڪ تمام جلد پنهنجي حقيقي محبوب کي حاصل ڪري وٺي ٿو.

شاھ صاحب عشق ۽ محبت جي ذريعي سلوڪ الله جو قائل آھي، انهي ڪري پاڻ عشق جا داستان ڳاھيا اٿس، جيئن: مومل راڻو، هير رانجهو، سهڻي ميهار، سسئي پنهون وغيره. انهن سڀني داستانن ۾ عشق سمايل آھي، انهي ڪري پاڻ انهن مجازي

هوت تنهنجي هنج ۾، ڍڍين ڪوه ڍهي
وفي انفسکم افلا تبصرون، سوجهي ڪر سهي
ڪڏهن ڪانه وئي، هوت ڳولڻ هٿ تي.

هن آيت شريف ۾، جيڪا شاه صاحب ڪم آندي آهي، الله تبارڪ و تعاليٰ فرمايو آهي ”آءٌ نه توهان منجهه آهيان پوءِ مونکي ڇو نٿا ڏسو؟“ يعني توهان جي باطن ۾ منهنجو نور سمايل آهي، پوءِ مون کي ٻين جاين تي ڇو ٿا ڳوليو. اڳتي فرمائين ٿا:

هوت تنهنجي منجهه ۾، ڍڍين ڪوه پريان
ونحن اقرب اليه من حبل الوريد، تنهنجو توهين سان
پنهنجو آهين پاڻ، آڏو حجبن ڪي.

هنن بيتن ۾ شاه صاحب فرمايو آهي ته نفس جو حجاب محبوبن جي مشاهدي ۾ رڪاوٽ آهي، نه ته هن آيت موافق الله پاڪ فرمائي ٿو ته ”آءٌ ساهه جي رڳن کان به ويجهو آهيان“، مگر بي فرمانين ۽ گناهن جي ڪارڻ سبب دل جو آئينو بي‌نور ٿي پيو آهي، بس اگر انهيءَ دل واري آئيني جي صفائي ٿي وڃي ته هوند الله جو نور دل ۾ جهاتي پائڻ سان ملي وڃي. حقيقت ۾ نفس خدا کان حجاب آهي.

حضرت امام مجدد الف‌ثاني ۽ سندس غلامن تحقيق ڪئي آهي ته انسان ڏهن لطيف شين جو مرڪب آهي، جن مان پنج عالم امر جا، ۽ پنج عالم خلق جا. هي بحث طويل آهي. مختصر عرض ته انهن لطيفن مان عالم امر جي لطيفن جو مقام عرش کان مٿي آهي. مگر جيئن ته انسان دنيا جي غفلتن ۽ حرص هوس ۽ نفساني سٽن سبب اهل وطن کي وساري ويٺو، مگر جيڪڏهن هن کي ڪنهن ڪامل جي صحبت نصيب ٿئي ۽ هن جي اندر جون اکيون کلي پون ته هوند پنهنجي حقيقت سڃاڻي

ويهجي ۽ گفتگو ٻڌجي ۽ پنهنجي طرفان ڪجهه نه ڳالهائجي، تا ته نفس جي وڏائي کان آزاد ٿي سگهجي. خدا وارن جي شان ۾ فرمائين ٿا:

ڪنُ ٿي ڪيڇُ ڪڇيو، ڪڇ ۾ ڪڇيائون
وهي نه وٽيءَ جيتري، ان وٽ آئـــون
وڏي وڏائون، هـو جـو وڻ هنن جـو.

هنن بيتن ۾ الله وارن جي ساهمون خاموشي جو حڪم فرمايو اٿن ته جن جي اندر مان 'آئون' وارو فخر مٽجي ويو آهي، انهن جي ساهمون نه ڪڇ، ڇاڪاڻ ته هنن هستي ۽ فخر وارو وڻ ٿي وڏي ڇڏيو آهي.

حاصل مطلب ته شاهه صاحب هن سر ۾ روحانيت جي طالبن کي استقامت، مرشد ڪامل جي تلاش، قلب جي صفائي ۽ نفس جي تزڪيه جو امر فرمايو آهي، ته جيسين هن راهه ۾ سچائي ۽ همت سان نه هلبو، مرشد ڪامل کان فيض حاصل نه ڪري سگهبو. نفس جو مجاهدو ۽ قلب جو تصفيو نه ڪبو، تيسين معرفت جا ميوا کائي نه سگهبا. هن سُر ۾ مختصر طور مون روحاني رمزن تي روشني وڌي آهي، حقيقت ۽ گهرائي ۾ پهچڻ لاءِ مون جهڙي نا اهل جي ڪهڙي مجال آهي.

يا

هاڻ نه جيان جيڏيو، زلف زاف ڪياس

ڪاڪل آءُ ڪنياس، پنهنجو پنهور ۾.

ان سلسلي جي ٽنهي جو واحد سبب سسئي ننڊ ڪي بڻي ڪري. گويا سالڪ کي آگاهي بعد وري غفلت نهوڙي ڇڏيو آهي. جنهن هڪ جاءِ ڪولي پڌايانئين ته:

پرين جـو پاڙو سونهين ننڊ نهوڙيو.

مضمون ۽ موضوع جي لحاظ کان غفلت ۽ آگاهي کي ڪولي بيان ڪيو ويو آهي. اهڙي ريت ٻنهي سر پڻ انفرادي خواه اجتماعي طور انهي مضمون ۽ موضوع تي لڳ ڀڳ ڦري رهيا آهن. مجموعي طور هن سڄي سر جو مضمون عشق، فراق، وصل، خودي، سڪ، ڏک، غفلت ۽ آگاهي جي چوگرد پيو ڦري.

---

آنهان ڏر.“

( ز ) اسم جي پويان ’آئتو‘ ملائڻ سان صفت ٺهندي آهي.
جيئن: وڙ + آئتو = وڙائتو. ”ان وڙائتي ور جي
آسر هڏ م لاهه.“
سنڌ + آئتو = سنڌائتو. ”سنڌائتي سينهن جيئن،
ويل وڏويل وسان.“
سڌ + آئتو = سڌائتو. ”سڌائتي سيڪا، ٻڪ نه
ٻساسي ڪا.“

( ح ) اسم جي پويان ’ايتي‘ ملائڻ سان صفت ٺهندي آهي.
جيئن: ور + ايتي = وريتي جمع وريتيون. ”وريتيون
ورو، آءٌ نه ورنديس ور ري.“

( ط ) اسم جي پويان ’اي‘ ملائڻ سان صفت ٺهندي آهي.
جيئن: ڪيچ + اي = ڪيچي. ”ڪرها مَ ڪاهيو ميان
ڪيچي، آئون آرياڻي عرض چوندي.“
ست + اِي = ستي. ”ني ستي، پڌ سندرو، پرت
پنهون سين پار.“

( ي ) اسم جي پڇاڙي وارو ’واو‘ ڪيرائي، باقي پويان ’آت‘
ملائڻ سان صفت ٺهندي آهي.
جيئن: پورهيو – و = پورهي + ات = پورهيت جمع پورهيتن.
”پورهيو سندو پورهيتن، والي ڪم وڃاءِ.“

## اسم مان ظرف

(الف) اسم جي پويان ’اي‘ ملائڻ سان ظرف ٺهندو آهي.
جيئن: ويسر + اي = ويسري. ”ساڪيئن ويهي ويسري،
جا گهاڻي گهماني.“

( ب ) اسم جي پويان ’آٽي‘ ملائڻ سان صفت ٺهندي آهي.
جيئن: ڏينهن + آٽي = ڏينهاٽي ”ويٺي پسان پاڻ ۾،
ڏونگر ڏيهاٽي.“

## اسمن جي وڏائي

هن سر ۾، اسم جي وڏائيءَ جو فقط هڪ نمونو مليو آهي، جيڪو هن طرح آهي:

(١) اسم جي آخر وارو 'واءُ' ڪيرائي پويان "ٽ" ملائڻ سان، اسم جي وڏائي ٿيندي يا 'اسم مڪبر' ٿي پوندو.

جيئن: واڇو ـ و = واڇ + ٽ = واڇٽ.

"ولهيءَ جي وهان ۾ **واڇٽ** سيءُ وڇايو."

## اسم جي ننڍائي يا تصغير

(الف) اسم جي پويان "ڙو" ملائڻ سان، اسم جي ننڍائي ٿيندي آهي يا اسم تصغير ٿي پوندو آهي؛ ۽ اسم جي آخر ۾ جيڪر "واو" هجي ته اهو ڪيرائي، پويان "ڙو" ملائبو. جيئن:

جنڊ+ڙو = جنڊڙو "ويٺي گهر گهوري، مٿان پرين **جنڊڙو**"

چاچي+ڙو = چاچيڙو، جمع چاچيڙا

"پنهونءَ **چاچيڙن** کي رڏي کيڻ ڪارايو."

جهوپڙو ـ و = جهوپ + ڙو = جهوپڙو، جمع جهوپڙا.

"پاڻيءَ مٿي **جهوپڙا**، مورڪ اڃ مرن."

(ب) اسم مونث جي حالت ۾ پويان "ڙي" ملائڻ سان اسم جي ننڍائي ٿيندي.

جيئن: وات+ڙي = واتڙي، جمع واتڙيون.

"وهن **واتڙين** تي، ڪيڇين ري ڪهو."

(ج) اسم جي پويان "ل" ملائڻ سان به اسم جي تصغير ٿيندي.

جيئن: آئي +ل = آئيل = آيل.

"آيل آئون اڪاج، پول پروچي وترو."

## ظرف مان اسم

بري=آڻ =برياڻ. "هوت تنهنجي هنج ۾، ٻچڙن ڪوء. برياڻ."

## صفت مان اسم

جوڳهو مان جواڳهه: "پسي جواجهه جمال جي، جنهن ٻيتي ٻڪ."

## مصدر مان صفت

مصدر + حرف =ظرف.

هلڻ + هارو =هلڻهارو، جمع هلڻهارا.

"هوت سي هلڻهارا وو جيڏيون، ڪيئن ڪريان آئون ان سين."

## صفت مان فعل

سونهون مان سونهائين.

"هو جي وڻ وندر جا، سي مون سونهائين."

## فعل بالواسطو

ڏري مان ڏاري. "ڏري ۽ ڏاري، ست سورن جي سٽي."

نبرڻ =نبيرڻ. "جتن ساڻ ذرو، نيهن نبيرڻ نه ڏئي."

سڄي =سڄائي. "جي سڄائي سڪ، نه ٻڻ سگهي سٽي."

سڙي =ساڙي } "ماري هڏ ۾ مڙ، سڄڻ جي جياريين."
جيئن = جياريين

ڏيکن =ڏيکارين. "ڏسو ڏيکارين، پيشاني پنهون جي."

چڪيم =چکايم. "پنهون جي پرت، ساء چکايم سڪ جو."

## بي جان اسم جي جنس

(الف) مذڪر مان مونث

سنڌو مان سنڌي، جمع سنڌيون.

"سنڌيون سور ڪرين، هڏ ٻن ڏکن هوت لئي."

ڀهو =ڀهي. "ڀهي نه پانڌي ڪو، جنهن ڪر ٻچي لوء."

اشارو = اشارت، جمع اشارتون. "اشارتون ان جون، سڪوتا سڄڻ."

(ب) ظرف+حرف يا آواز=ظرف.

اور+آهون=اوراهون - } "آءُ اوراهون سمجهان، وڃ ۽ اڳاهون."
اڳ+آهون=اڳاهون - }

پر+آهون=پراهون - "جو اکيئنئون اوڏو آهي، سو پريئن پراهون ۽ ڇڏ."

اڳ+آهين=اڳاهين - عبث اڳاهين وڃيو کو ڪيين ڪاند ڪي."

هت+هين=هتهين - "جو وندر ۾ واپار، سو سودو سرڻس هتهين."

سپ+ت=سپت - "سپت آهين تون، قضا ڪندين ڪن سين."

ات+آن=اتان - "انهيءَ ۾ اتان، هوندي منڊ پهاڙ ۾."

پهل+اِي=پهلي - "ته ڪر پهلي آهي پهل، جي سور پريان جا ساڻ سون."

(ج) صفت+حرف=صفت.

ٻه+هون=ٻهون - "توسين پول ٻهون، سهسين ساجن جي ڪري."

(د) ظرف+صفت=ظرف.

اڳ+اهنجو=اڳانجهو - "ابر اڳانجهو نهي، سور انين ڪي سڪ."

(هه) ظرف+فعل=ظرف.

پر+ايندي=پرايندي=پريندي - "پريندي پاڻ ويو، زلف ڪيس زاف."

# نحو

جيڪي لفظ صرف ۾ ڪم اچن ٿا، اهي ئي نحو ۾ ڪم اچن ٿا، پر فرق رڳو اهو آهي جو صرف ۾ لفظن جي نهيل شڪلين ۽ صورتن کي سڃاڻبو آ ي ۽ نحو ۾ اهو معلوم ڪبو آهي ته لفظ ۽ حرف پاڻ ۾ ڪيئن ملن ٿا ۽ جملا ڪيئن ٺهن ٿا ۽ اهي هڪ ٻئي سان ڪهڙي مناسبت ۽ موافقت

هن سر ۾ لفظي تڪرار جا مثال اجهي هيٺين طرح آهن.

(الف) تڪراري اسم.

ٻاڙي ٻاڙي - "ٻاڙي ٻاڙي پيهي، وت ٻچندي ٻرين ڪي."
وڻ وڻ - "ٻير ٻچنديس ٻپ ۾، وڻ وڻ وجهنديس واڪو."
دم دم - "ڪوسا تپڻ ڪڪرا، ٻي دم دم تپي ٽر."
ويل و ويل - "منداڻتي سينهن جيئن ويل و ويل وسان."

(ب) تڪراري فعل.

مڙهي مڙهج - "ڪٺوريءَ ڪٺون، مڙهي مڙهج سڻ ۾."
رويو رويو - "سسئي ان ستون ڪي رويو رويو رو."
رويو روئان - "رويو روئان رڃن ۾، هني هني آئون هت ڪوه ٿي."

## مٽا سٽا يا تبديل

لساني اثرات، لهجن جي عمل ۽ آب و هوا جي اثر سبب، ٻوليءَ ۾ اکرن، حرفن، آوازن ۽ معنيٰ وغيره جي تبديل ٿيندي رهندي آهي، جڪا ازلي ۽ اڻ ٽر آهي. جنهن موجب، هن سر ۾ تبديل جا جيڪي روپ ملن ٿا، سي هيٺين طرح آهن.

(الف) اکري تبديل.

ي جي بدران ڻ جو استعمال - "سي مون سيباڻا، جن ساءَ چکايم سک جو."
ءَ " " ڻ " " - "قاصيدائي ڪار، ڪمن رساڻي ڪيچ ڪي."
۾ " " ڻ " " - "اندر آگ عشق جي، ابر اڻاڙي."
و " " ل " " - "سسئي ڪي سڌ ٿيو، اسان اولاڙو."
س " " ھ " " - "ٻپتائين ٻنهونءَ سين، هڏ نه ٻگيس هڪ."
گ ج ۽ ڙ جي بدران ڻ - "ڪمن ورسيا ڪڏهن، چاليا چڻ هني."

ذ „ „ ج „ „ - "ڀلو لڳو ڀاڻ، ڀسو جوءِ جدا ٿي."

ب „ „ و „ „ - "لاهي ڀار ڀنڀور ۾، ويندو گهوٽ وناهيو."

جهه „ „ ڏ „ „ - "وڏي وڏائون، هو جو وڻ هڻ جو."

غ „ „ گ „ „ - "سرتيون شريڪت، آئون ڪيئن آڳن سين ڪريان."

گ „ „ ڳ „ „ - "جيءَ جسو جاڳيو، هاڻي ملڪ هوت جي."

(ب) حرفي تبديل.

تہ بہ جي بدران توءِ جو استعمال - "سوڙهي وڃي توءِ، سوڻن جي ڪان ڪري."

جڏهن „ „ جان „ „ - "ڀڃي جان ڀنڀور ڪان، ڏونگر ڏوريو سون."

تي „ „ سر „ „ - "ڪاتئون لطيف چئي، لڏون سر لڪن."

(ج) معنوي تبديل.

تي حرف جر، تڏهن ظرف جي معنيٰ ۾ - "جيلاهين محب مٺوم، تي چلون ڪريان چيرين."

جو حرف اضافت، جيڪو ضمير جي معنيٰ ۾ - "ڀسڻ جو ڀرينءَ جو، سو سياڻي سچ."

هو ماضي مطلق، هج امر جي معنيٰ ۾ - "وينئي هٿ م هو، هلين تہ هوت لهين."

فعل معروف، فعل مجهول جي معنيٰ ۾ - "جي تو اوڏا ڀانئيا، سي ڏونگر ڏور ڏسن."

## ترخيم يا گهٽائي

شعري ضرورت لاءِ، لفظن کي هلڪو ڪري استعمال ڪبو آهي، جنهن سبب لفظن مان ضرورت آهر اکر گهٽائي لفظ کي ننڍو روپ ۾ آندو آهي. ءَ هن سر ۾ ترخيم جا مثال هيٺين طرح آهن.

پريت جي "ي" ڪيرائي، پرت ڪري ڪم آڻن -
"پسان ڪين پريتئو، ڪاڻ پرت بچار."
حجت جي "ت" ڪيرائي،حج ڪري ڪم آڻن -
"مهند محتاجي ڪري، حج وڃائي هل."
ملڪيت جا "ي، ت" ڪيرائي ملڪ ڪري ڪم آڻن -
"جيءُ جسو جاگيو، هاٿي ملڪ موت جي."
انبارين جو وچون "الف" ڪيرائي انبرين ڪري ڪم آڻن -
"پريائي ته پار، ٿوڪ ته لڳي انبرين."
کهڙو جي "ڙ" ڪيرائي کهو ڪري ڪم آڻن -
"وهڻ وانڙين تي ڪيچڻ ري کهو."
آسرو جو "و" ڪيرائي آسر ڪري ڪم آڻن -
"ان وڙانتي ور جي آسر هڏ م لاهه."
اهڙي جا "ڙ ۽ ي" ڪيرائي اهه ڪري ڪم آڻن -
"آن ڪي ويندا گڏيا، آرياڻي اهه پارا."
دوست جي "ت" ڪيرائي دوس ڪري ڪم آڻن -
"ڪونهي هن پنهور ۾، ڏاران دوس ڏٺي."
پوٽي جا "ت ۽ ي"=پوءَ ڪري ڪم آڻن -
"پنهون چڏيو پوءِ، جانب جبل گهوليين."
اتي جي ي ڪيرائي ات ڪري ڪم آڻن -
جتي جي ي ڪيرائي جت ڪري ڪم آڻن -
"ڪونهي ات ڪوهيار، جت تو پوري پائيو."
ڪوه جو "و" ڪيرائي ڪه ڪري ڪم آڻن -
جيڪي جا "ي، ڪ، ي" ڪيرائي جه ڪري ڪم آڻن -
"ڪنديس ڪه ڪيئان، جه سي ان اورانگهيا."
راه جو "الف" ڪيرائي ره ڪري ڪم آڻن -
"پورين پيم پرڪنا، ره ۾ گهنو ونڊرم."

ڏيٺ=ڏيٺي ڪري ڪم آڻ.

"ڏکيءَ سان ڏيٺي، ڪا ڪج اچي ڪڍهن."

پيٺي=پيمائي ڪري ڪم آڻ.

"پيمائي پنهون ڏي، نرمل نهاري."

پڌاريائين=پاڌاريائين ڪري ڪم آڻ.

"ڪري پيڪ پنهونءَ سين، پاڌاريائين پاڻ."

ڪاهينديس=ڪاهينداس ڪري ڪم آڻ.

"قانئون ڪاهينداس، موڏان تان ڪر ميهڻون."

ورسايس=ورساياس ڪري ڪم آڻ.

"وهم ورساياس، نات پنهون آئون پاڻ هئي."

مٿين مثالن کان سواءِ هن سر ۾ ڪيس سان ڪياس، ٿيس سان ٿياس، پنيس سان پنياس، ڪليس سان ڪلياس، ساهينديس سان ساهينداس، هونديس سان هونداس، لاهينديس سان لاهينداس جا روپ پڻ اچي وڃن ٿا.

## صفاتي حرف

صفاتي حرفن سان مراد، اهي حرف آهن، جيڪي صفتن وانگر اسمن جي اڳ ۾ اچي، صفتن جي معنيٰ ڏيکاريندا آهن. هن سر ۾ اهڙا حرف آهن: سَ، سُ، ڪُ، آ ۽ پرَ وغيره، جن جو خاڪو هيٺين طرح آهي.

(الف) س حرف، سٺو جي معنيٰ ۾.

س+پرين=سٺو پرين: "ور وسيلا سپرين، ڪيس ڏوري ٿر."

س+واهرو=سٺو واهرو: "چڪي ني چوم، سواهرو سڄڻين."

س+پيلي=سٺو پيلي: "سور سپيلي سني، لڪ ننهين سين لنگهه."

س+پڪ=سني پڪل: "سپڪني سورن سين، پهچنديس پچي."

(ب) سَ حرف، سٺو جي معنيٰ ۾.

سَ+نري=سٺي نري- "سکڻ تي ۾ سنري، ڀسي ڏک مَ ڏر."

سَ+ڀاڳي=سٺي ڀاڳ واري-

"مون سڀاڳيءَ ساڻ، ڪير چلندي چڙين."

سَ+ڳر=سٺي ڳر- "جڳ ۾ رهيس جس، سڳر ٿي سردار جي."

(ج) ڪُ حرف، ڪنون يا خراب جي معنيٰ ۾-

ڪ + ڀليائي=خراب ساڻيائي-

"ڪڀلياڻي ڪچ ڏي، حج مَ هلائيج."

ڪ + وڙي=خراب وڙ واري-

"ڪامل آهيان ڪوڙي، رهي لاهه رقيب."

(د) او حرف، خراب جي معنيٰ ۾-

او + جهڙ=خراب جهڙ-

"اوجهڙ اسونهين، ڏيهه گهڻوئي ڏوريو."

(هه) ڀرَ حرف، ڀري يا ڀرائي جي معنيٰ ۾-

ڀر + ڏيهي=ڀراهين ڏيهه وارا-

"ڀرڏيهي ڀرين ڪيا، سڻ لئي موتهين."

ڀر + گهرا=ڀرائي گهر ڪان-

"ڀرگهرا ڀاسو ڪري، ٻچ ڀريان ڪر ڀاڻ."

## حرفي "ڀڃاڙيون

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي آواز، اسمن اُجي ڀويان اچي، ساڻن ملي، حرف جر ۽ حرف اضافت جون ممناٽون ڏيکاري، ڪين جري ۽ اضافت حالتن ۾ آڻيندا آهن ۽ هن سر ۾ اهڙي حرفي ترڪيبن جا نمونا اجهي هي آهن.

(الف) "آ" جو آواز ڪان جي معنيٰ ۾ -

ساها=ساهه ڪان - "ساها اوڏو سڄڻين، لوچي تان نه لهن."

ٻنيا=ٻنيءَ ڪان - "ٻنيا جن ٻري، ڏونگر سي ڏوريندين."

(ب) "آ" جو آواز ڪان، جو، جي، جون جي معنيٰ ۾.

جتَ ڏاران=جت ڪان ڏاران -

"جيئڻ جت ڏاران، مڏور جر سس ٿئي."

ٻانهيءَ ٻنڌڻ=ٻانهيءَ جو ٻڌڻ -

"وڃي مان آوري، ٻانهيءَ ٻنڌڻ جن سيڻ."

روحَ رهاڻ=روح جي رهاڻ -

"پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ."

گهر ڪندون=گهر جون ڪندون -

"سيئي ساري مسئي، گهر ڪندون تون گهور."

(ج) "اِ" جو آواز تي ۽ جي جي معنيٰ ۾.

لڪن ڏيئي=لڪن تي ڏيئي -

"ڪنديس اوت عيب جي، لڪن ڏيئي لت."

ڪيچن ڪاڻ=ڪيچين جي ڪاڻ -

"نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچن ڪاڻ."

(د) "اي" جو آواز سان، تي ۽ جو جي معنيٰ ۾.

ڪوڙي لاءِ=ڪوڙي سان لاءِ -

"الا عبداللطيف چئي، ڪوڙي لاءِ فريب."

پر پيچري=پر پيچري تي -

"سر سگهن، پر پيچري، تون جا لوڪ سئي."

سڄ الٿي=سڄ الٿي جو-

”سڄ الٿي سيڻن، رت ورنو روهه.“

(هہ) ”او“ جو آواز جو جي معنيٰ ۾-

تو ٽيي=تو جو ٽيي (تنهنجو ٽيي)

”تہ سپيريان جي سنگ، منڊ سوڙانو تو ٽيي.“

(و) ”آءِ“ جو آواز مان جي معنيٰ ۾.

اپر افسوساءِ=اپر افسوس مان-

”مروئن موت قبوليو، اپر افسوساءِ.“

(ز) ”آن“ جو آواز کي جي معنيٰ ۾-

ٻاروچان=ٻروچڻ کي-

”ٻاروچان ٻاجهہ گهڻي، آئون ٿي چلان چيرين.“

(ح) ”اين“ جو آواز کي جي معنيٰ ۾،

جنين=جڻ کي- ”اندر جنين اڀ، ڏونگر سي ڏوريندئون.“

(ط) ”اين جو آواز سين ۽ ۾ جي معنيٰ ۾-

ٻيرين=ٻيرن سين-

”هل هيين سان هوت ڏي، ٻيرين ٻنڊ وسار.“

چيرين=چير ۾- ”مون کي چڏءِ چيرين آريائي آڌار.“

(ي) ”اون“ جو آواز کي جي معنيٰ ۾-

سو سون=سو سون کي-

”سو سون ٽورو لاءِ، جيئن جيري ملان جت کي.“

(ڪ) ”ئا“ آواز کان جي معنيٰ ۾-

حبئا=حب کان- ”ٻانيهن ٻاڏائي، حبئا وارنو هوت کي-“

(ل) ”ئون“ آواز کان جي معنيٰ ۾-

اڪيڻئون = اڪيڻ کان.

”جو اڪيڻئون اوڏو آ، سو ٻرين ٻراهون ۾ جڻو.“

(م) ”ئين“ جو آواز کان جي معنيٰ ۾-

پٽائين = پٽ کان. ”پير پٽائين ڪنڊرا، ڏونگر ٿئي ڏي.“

(ن) ”ئين“ جو آواز سان جي معنيٰ ۾.

دارؤئين = داروءَ سان.

”درد نہ لهي دارؤئين، زلف زور ڏنوم.“

(س) ”يڻ“ آواز تي جي معنيٰ ۾-

چوٽيڻ = چوٽيڻ تي.

”ٽڪيائي ٽرٽلهہ، چڙهہ چڪيائي چوٽيڻ.“

(ع) ”هين“ آواز تي ۽ سان جي معنيٰ ۾-

پاهين = پوءِ تي. ”درا سنجهہ دوست ٿيو، موٽي پيچ پاهين.“

توهين = توسان.

”سو تان توهين ساڻ، جنهن لئي جفائون ڪرين.“

(ف) ”ئي“ آواز جي جي معنيٰ ۾-

پاياٺي = پاين جي. ”پاياٺي ٺي پور، ٻئي ڪيچين ڪڪرا.“

(ص) ”آٺا“ آواز کان جي معنيٰ ۾.

ڏوراٺا = ڏور کان. ”سون کي پاڻي پاڄ، ڏير ڏوراٺا هليا.“

(ق) ”ڪر“ آواز کان ۽ لاءِ جي معنيٰ ۾.

جنهن ڪر = جنهن کان.

”ڀيءَ نہ پانڌي ڪو، جنهن ڪر ٻجي لوءِ.“

ٻريان ڪر = ٻرين لاءِ.

”ڏاريان پانڃ ڏاڻ، پچ ٻريان ڪر ٻاڻ تون.“

(و) "سِر" آواز تي جي معنيٰ ۾:

چانگن سِر=چانگن تي - "چانگن **سِر** چڙهي ويا، ساٿي سوارا."

## ضميري نشانيون

جهڙيءَ طرح ڪي آواز يا نشانيون، اسم جي پويان اچي، حرف جر ۽ حرف اضافت جي معنيٰ ڏيکاريندڙيون آهن. اهڙيءَ طرح ڪي آواز يا نشانيون وري فعلن، حرفن ۽ ضميرن جي پويان اچي، ضميرن جون معنائون ڏيکاريندڙيون آهن ۽ هن سر ۾ اهڙا آواز ۽ نشانيون هيٺين طرح آهن.

"س" ضمير واحد غائب لاءِ -

پڳيس=هن جي پڳ - "پيتائين پنهون سين، هڏ نه **پڳيس** هڪ."

"س" ضمير واحد متڪلم لاءِ -

ٽڪيس=آئون ٽڪي - "ور وسيلا سپرين، **ٽڪيس** ڏوري ٽر."

ملنديس=آئون ملندي -

ڪنديس=آئون ڪندي -

"اڄ **ملنديس** ماءُ، ڏاڍا **ڪنديس** ڪوڙا."

"م" ضمير واحد متڪلم لاءِ -

ڏٺوم=مون ڏٺو - "واقف نه وٽڪار جي، اڳ نه ڏيهه **ڏٺوم**."

ڪٺوم=مون ڪٺو - "ڏونگر ڏوراڻين سين، ڪاتي ري **ڪٺوم**."

لهندم=منهنجي لهندو -

"آريائي عبداللطيف چئي، سار **لهندم** سوري."

"ءِ" ضمير واحد حاضر لاءِ -

ڪيوءِ=تو ڪيو - "ساجن سڄ نهارئين، ڏکي ڏوهه **ڪيوءِ**."

گهيڙءِ=تو گهيڙيو -

"ڪنديين توءِ ڪهون، جو نالو **گهيڙءِ** نينهن جو."

ڇونده = توکي ڇوندا - ”ٻولي ٻي نه سکيا، ٻاٽا **ڇونده** پيچ.“

**”ئين“** ضمير واحد غائب لاءِ -

ٻڇيائين = هن ٻڇيو - ”اڳيان اٿي ان کي ٻنهون **ٻڇيائين**.“

ڏنائين = هن ڏنو - ”منکر ۽ نکير کي جڏهن **ڏنائين**.“

**”ئون“** ضمير جمع غائب لاءِ -

ڪڇيائون = هنن ڪڇيو -

”ڪن ٿي، ڪيڇين ڪڇيو، ڪڇ م، **ڪڇيائون**.“

ڇيائون = هنن ڇيو -

”سڄ ته سوز ٻرائيين، آءُ **ڇيائون** اڄ.“

**”ن“** ضمير جمع غائب لاءِ -

سندان = انهن سندا - ”سٺي ٻول **سندا**، جم سڀڻ سڻي.“

ڪنيان = انهن کي -

”ڪنديِن ڪوه **ڪيٽان**، جه سي ان اوورانگهيا.“

**”ئي“** ضمير مشترڪ لاءِ -

سوئي = سو خود - ”**سوئي** ڪٿيو سان، **سوئي** ڏوريز سڻي.“

**”هين“** ضمير مشترڪ لاءِ -

پاڻهين = پاڻ خود - ”لٿي مون تان لڪ، ٻنهون ٿيس **پاڻهين**.“

مونهين = مون خود - ”پرڏيهي پرين ڪيا، مرڻ لئي **مونهين**.“

تونهين = تون خود - ”سڻي کي سيد چئي، تنگڻ ۾ **تونهين**.“

توهين = تو خود - ”ته هوت **توهين** کان هڻ، پرين پاسي نه ٿئي.“

## ”ندائي حرف“

هن سر ۾ ندا لاءِ ڪئين ڳجها ۽ پڌرا حرف ڪم آيل آهن، جن مان نموني طور مثال پيش ڪجن ٿا.

هوا ـــ ”تن من منجهه تنوار، هو يارا سدا آهي سڪ جي.“
الا ـــ ”الا! عبداللطيف کي، ڪوڙي لاءِ قريب!“
والي = اڏ والي! ـــ ”ٻوڙهيو سنڌو ٻوڙهيتين، والي ڪيم وڃاءِ!“

## حرف جر ۽ حرف اضافت، اسم جي اڳ ۾.

ڪي ـ موتي ڪي ميڻ (موتي ميڻ ڪي)

”آئي ٻڌا اونيين، موتي ڪي ميڻ.“

منجهان ـ منجهان جوئڻ جوءِ (جوئڻ منجهان جوءِ)

”آئن وجهي آڳ ۾، منجهان جوئڻ جوءِ تي.“

سندو ـ چت سندو مون (چت مون سندو)

”چت سندو مون چاڪ، هاڙهي هڏ هئي ڪيو.“

سندي ـ سندي ٻي، ٻئي (ٻي سندي ٻئي)

”مر تان ٻونم سنهن ۾، سندي ٻي ۾ ٻٽي.“

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# سر سسئي آبري*

## فصل اول

١

اوَّلِ آخِرِ آهِ، هَلَڻُ منهنجو هوتَ ڏي
ڀورڙو سندو ڀورهتين، واليا ڪيمَ وڃاءِ
سو مون نُورو لاءِ، جنهن جيڏيون ميلان جتَ ڪي.

٢

ڏري ۽ ڏاري، سَٽَ سُورن جي سسئي
ڀنڀائي ڀنوهَ ڏي، نِرمَلُ نهاري
لالَڻَ جو، لطيف چئي، سُونهَنُ سَتيائي ساري
ڀيرتنو ڀاري، مارڳ ۾ مُنڌَ مڃي.

٣

جي سَڄائي سِڪ، ته پُڇ سِڪي سسئي
ڀنڀائين ڀنوهَ سين، هَڏِ نه پڳيسِ هڪ
انَ تڙَ منجها تِڪَ، ڏِئي ڀاڻان آجَ ٿيي.

---

* سر سسئي آبري جو متن ”شاه جو رسالو“ (سنه ١٢٦٩هه ۽ ١٢٧٠هه جي لکيل ٻن آڳاٽن قلمي نسخنِ کي پيڙهي تيار ڪيل)، تحقيق ۽ تصحيح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مطبوع شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، ١٩٧٥ع تان ورتل آهي.

۴

ٻَسيِ جهاجهيِ جمالَ جي، جَني ٻيٺيِ ٻِڪَ
آٻَرُ اَڳاڻجهو ٿِئو، سورُ آئيِ ڪيِ سِڪَ
هَڏِ نه پَڪيِنِ هِڪَ، سَدا سائِرَ سيرَ ۾.*

۵

محبتَ جَني مَٽَ ۾، تَنِ تَشنگيِ تارِ
ٻِيَ پيالو اَڄَ جو، اَڄَ سيِڻَ اَڄَ آتيارِ
پِنوهَ ٻاڻِ پيارِ، ته اَڄَ سيڻ اَڄَ آجهائيان.

۶

محبتَ سندو مَنِ ۾، ٻَرُ پيالو جَنِ
پِيَنِ پَرُچا ناهِ ڪو، ڪِنه جِنه ڏاهِ ڏِٺَنِ (۱)
جِنه نهايتَ ناهِ ڪا، تنه سُڄا سُڄَ وڃنِ (۲)
تيلانُ اَڄ مَرِنِ، سَدا سائِرَ سيرَ ۾.

۷

سَدا سائِرِ سيرَ ۾، آنِ ڪي اندرِ لهي نه اَڄَ
ٻَسُ جو ٻِسِريِنِ جو، ما سَنياڻي سُڄَ
تيلانُ مرنِ اَڄَ، سدا سائر سير ۾.

۸

ساڄَنَ ڪارڻِ سَڄَ، سَرُ قبولي سِڻي (۳)
اندرِ جَني اَڄَ، ٻائيِ اَڄِئو آنِ ڪي.

۹

ٻائيَ مٿي جهُوپَڙا، مورِ ڪَ اَڄَ مَرنِ
ساهَ اوڏا سُپِرين، لوچهي تان نه لهنِ
دَمُ نه سُڄاڻَنِ، دانهون ڪَنِ مُنَنِ جَنِ.

---

* پ ۾ ورق ڦاٽل.
(۱) پ. ڏجنِ، هـ. ڏِٻنِ. (۲) پ. "تنه نهايت....جنه سڄا"،
(۳) پ. مرُ

١٠

سسئي کين سمجهائو، اوراي آري ساڻ
ڪري ڀيڪ پنوهه سان، ٻاڌار ٿا ئين ٻاڻ
چِٽ وڃايو ڄاڻ، پاڻ پروڙين سين.

١١

لڳي ڪوسو واءُ، لوڪ سڙوني لهسيو
آڀن سان آئيو، هي هي جو هنگاءُ
طيرن گهڻو تنوارئيو، پنوهه پڇاڻا (١)
رسيو سور شبان کي، وحوشن وتاءُ
ميرون موت قبوليو، آڀر افسوساءُ (٢)
ٻر ٻن ڪن ٻڪاءُ، آڪند نا آري لئي گهڻو.

١٣

مهد محتاجي ڪري، ٻئي ٻير ڪنيج
ڪپيلياڻي ڪچ ڏي، حج هلائيج
پاڻان ڏار پريتو، سسئي ساڻ ڪنيج
اوڏي عزازيل کي، وائيجهي تان وڃيج
نا آميدي نيج، ته اوڏي ٿئين آميد کي. (٣)

١٣

مهد محتاجي ڪري، حج وڃائي هتل
عذر خواهيون، عاجزيون، سسئي ڪينه م زسل
ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو، لڻ وري ڪونهي لسل
اي پلائي جو پتل، جنهن ٻاسي ٿين ٻاڻ ڪان.

١۴

وه م مند پنهور م هاري! هنڌ م هتل

(١) پ. پنوهه (هه تي پيش). (٢) "موت پرائيو". (٣) هه. قافيا: ڪنيج، هلائيج، ڪنيج، وڃيج ۽ نيج.

ڪوڙي ڪچ ۾ ڪڍهين، سچي ڳالهه ۾ سَلُ
جانبَ ري ۾ جَلُ، سوز وسار ۾ سٺي(۱)۔

۱۵

سُکين ٿيي ۾ سنيري، ٻَسيي ڏُک ۾ ڏَر(۲)
هَٿيي ڪر ۾ پاهنجو، گهوري هڏ ۾ گهرُ
هاري! هڏ ۾ سرُ، سڄڻ جي جياريين۔

۱٦

سُکين ٿيي نه سري، ڏُکين تان نه ڏري
اوري هڏ نه آيي، پهُچي تان نه پري
سرتيون! تو سراي، پنهي ري پانهن ڪي۔

## وائي

هم سُون مات گيا هَي، هم سُون سَيل
ڪيا هي

۱. ڪهي ڪهيو قافلو، زن ڪُون زود بياهي(۳)
۲. مرد زن مات ڪيا، لَگنا لوڪ لياهي۔

---

## فصل دويم

۱

ٻسيي ڏونگر ڏار، جيم هَلڻ ۾ هيٺيي ٿيين
سيجزاڻيون سوٽيون، سٺي ٻنڌ پچار
پوٺي پانيچ پري لٺي، حقيقت جا هار
سيکهي لهندسي سار، آريچا، عنات چي۔

---

(۱) نص، "جانب لٺي"۔ (۲) پ، "ٻٺي ڪر" هڏ (۳) اصل، ڪانو۔

٢

ڀَسِي ڏونگر ڏاهِ، جيءَ هلڻ ۾ هيڻي وَهيڻ(١)
لانچڙي لڪ لطيف چئي، ڦٽي ڪيچِيَن ڪاهَ،
ٻُچي ڀورج سڻي، بلوچاڻي باهه،
اِنَ وَڙائيتي وَرَ جو آسرو هنڌ ۾ لاهه (٢)
جو آکيڙون اوڏو آهِ، سو پرين پَراهون م ڇڻو.

٣

هيتان ڪنڌي هٿ، جتن وڪڻو سڀي وسيئون
ماڃن سونهن سَٿ، وڪان ٿي ويجهو گهڻو.

٤

جيڪس يادِ ڪياس، وَرَ وڃي وڻڪار ۾
جَلدَ جريدي ٻَنڌ ۾ اديون! آجَ ٿياس،
وڃي ڪيچِ ڀنياس، ٻاروچي جي ٻاجهه سين(٣).

٥

واقف نه وڻڪار جي، ٻاري سڄڻ بَرَ
لَهجَ لالَ، لطيف چئي، ڪاندَ! مُئي جي ڪَرَ
وِلهي ڪَري ورُ، متان مارگِي ڇڏيين.

٦

واقف نه وڻڪار جي، آڳ نه ڏنهُ ڏنوم
ڏونگر ڏوراڀن سين، ري ڪاتي ڪُٺوم،
جيلانُ محب مُنومِ، تي چلون ڪريان چڙيين(٤).

٧

واقف نه وڻڪار جي، ٻاٽي ڪَنڌيمُ نه ٻاڪَ

---

(١) اصل. ڏاهَ (٢) اِنِ (٣) هه. ڪيچ (٤) هه. "مُنوم، چاون
ڪريان".

جبلُ جلدايون ڪري، ٽيڪَ ٽيڪاري تــاءِ
لڳي لٽڪَ، لطيفـــ چئــي، مُعذورن مٿاءِ
آئي اوڏو آءِ، جيتِ هوتَ ا هيڪلي آهيان.

٨

وڏا ون وڻڪارَ جا، جيتِ جانو جمرَ جهرَ
ڪوسا تپن ڪڪرا، پيي دمُ ڏمرَ تپي ڏرَ (١)
ويچاري ڏي ورَ، پيرُ نه لهي پرينءَ جو.

٩

وڏا ون وڻڪار جا، جت نانگ سڄن نيلا
آئي، عبداللطيف چئي، ڪيئا هيڪلين حيلا
جيتِ ڪرُمُ نه قبيلا، آتِ رسجُ رهبر! راهَ ۾.

١٠

ويچاري وڻڪارُ، اڳ نه ڏٺــو ڪڏهين
ميهرَ نه هٿيي ماڻهين، هو سڀ هيندوڪارُ (٢)
جتُ ڪمائين يارُ، سورن ڪارڻ سرتيون!

## وائي

هـو جي هلئا هـوتَ سونهارا
مون نــه وَهيئا، پنوهَ سڱيئا

١. سنئي پچي ساتَ جا، لا، اوطاقون اوتــارا
٢. آن ڪي ويندا ڳڏئا آريائي اهـ پــارا
٣. ٽليون ٽوٽرَ هاتوريون، مَين سرَ موچارا
٤. مونکي نيندا پاڻَ سين، ڪاملَ ڪرَ آجارا

---

(١) پ. ڪڪرا (٢) پ. هندڪارو

## فصل سيوم

١

پنوهَ چڙهيو پوءِ، جانبُ جبلِ ڳوليهن (١)
تيلاهين تَنگون ڪريين، جيلاهين تون جوءِ
ساجَنُ سُڃ نهارِيهن، ڏکيا ڏوهُ ڪيئوءِ
هاڙهي هوتُ نه هوءِ، ورِي ٻچ ويئينِ ڪي.

٢

ڪونهي آتِ ڪوهيارُ، جيتِ تو پوري پانيو
پنڌُ مَ ڪرِ پهاڙَ ڏي، وجودُ ني وڪارُ
ڏاريان پانئج ڏارَ، ٻچُ پيريان ڪرَ پانُ تون (٢).

٣

سيني ساري سسئي! گهرَ ڪنيون تون گهورِ
وچي ڏورِ مَ ڏورِ، درا منجهه دوستُ ڏيئو.

٤

درا منجهه دوستُ ڏٺو، موني ٻچُ پاهين
عبثُ اُڳاهين، وچئو ڪوڪين ڪانڌَ ڪي.(٣)

٥

پرَ گهران پاسو ڪري، ٻچُ پيريان ڪرَ پانُ
سو تان توهين سانُ، جنه لئي جفائون ڪريين.

٦

سوني ڪيئو سانُ، سوني ڏوريين سسئي
ڪڏهن ڪنيي نه ڪيئو، چلڻَ منجها چانَ
ٻچُ پيريان ڪرَ پانُ، ته تون تيئائين لهين.(٤)

٧

جو تون ڏوريين ڏورِ، سو سدا آهي سانُ تو

(١) پ. جبلُ (٢) پ. ڪرِ (٣) هه پ. وچي. (٤) هه. پچج، نص. تتائين.

لالنَ لَڱيءِ، لطيف چئي، مُنهنجي ڏِي معذور،
منجهان پَٽاءِ پرورِ، نو منجهه آهِس تَڪيو. (١)

٨

وڃين ڇو وڏڪارِ، هتِ نه ڏوريين هوتَ کي (٢).
لِکو ڪونه لطيف چئي، پاروڇو پيءَ پارِ (٣)
ناڻي نينَ نهارِ، تو ۾ ڏيرو دوستُ جو. (٤)

٩

ڪوڙيون پُڇن ڪيچُ، هوتُ نه ڏوريين، هٿين
جَنِ پنوهُ سين پيچُ، تَنِ پيرين پَنڌُ وسارئو.

١٠

هَلُ هِنيين سين هوتَ ڏي، پيرين پنڌُ وسارِ،
قاصِداڻي ڪارِ، ڪيئن رَساڻي ڪيچَ کي.

١١

هل هنيين سين هوت ڏي، پيرين ڪرِ مَ پنڌُ
واڻي پيچُ مَ وندُ، رِڙُهه اُروحاني سسئي.

١٢

هل هنيين سين هوت ڏي، ڇپرِ هَڏَ مَ ڇَلَ
آريائي آملُ، ڪايا ۾ ڪانڌُ ٿِئو. *

١٣

هل هنيين سين هوت ڏي، ڇپرِ ڇَلُ مَ تون
منجها لَڏو سون، ڪوهيارو ڪيچَ ڏَئي.

١٤

هل هنيين سين هوت ڏي، سيئي ڪڻُ مَ ساڻُ
جني پانئيو پاڻُ، سي آرياڻيان اوري رهيون. (٥)

---

* پ ۾ نه آهي. (١) پ. "منجها پئي"، هه پ. آهي. (٢) پ. "نه ڏوري". (٣) پ. پاوَ (٤) پ. نهارُ (٥) هه. پاڻ، هه پ. رهئا.

۱۵

ڪيھڙي ٻنڌَ ٻڌان تو، ڪيچين ڪارڻ ڪينءَ
بيخود ھليس ٻَرَ ۾، آءٌ ٿِي چوان اينءَ
سِڪَڻُ ساجَنَ سينءَ، ستان سُتي ڇڏيمِ. *

۱۶

سُتان سُتي ڇڏيمِ، پريتَمن پاڻا
چاپَنِ جئن چاڻا، تون پڻ ھونئجُ تَنِ جئن.

۱۷

ستان سُتي ڇڏيمِ، پاڻان پريتَمنؔ
ڪٿوريَ ڪَنهن، سَڙهي سَڙهيجُ سُنهَ ۾.

## وائي

غفلتَ يارُ گنوايو، ٻَڙي جيڏيون!
ڪينءَ ڪريان آءٌ ڪَهُ ٿئو (۱)

۱. سُتيس تان ساٿُ وِيو، اٿيس تان ڏکُ آيو
۲. ٻَچِي پوءِ پنوھَ کي، عَبَثُ تان آنَ کايو
۳. ھوتَ ھلندي جا ڪئي، سا مون ڳالھ سڻايو.

---

## فصل چھارم

۱

ھيچ نہ ھوندو جَنِ سي ڪينءَ وِندُرِ ويندين
وِھو وِچِ وِھَنِ سَنسِين سَڏَنِ واريون. (۲)

۲

سَڏائيتي سَپڪا، ٻُکَ نہ ڀاسي ڪاءِ

* پ ۾ نہ آھي.

---

(۱) پ. "ڪينءَ ڪريان، ڪه ٿئو" (۲) ھ. وچُ

جھھي ترھي ذاتِ جي، جنبشَ ڪانهي جاءِ
مون سين هلي ساءِ، جا جيُ ميلو نہ ڪري.

٣

ڪجھ نہ جنبش جاءِ، تہ ڪا هلي هوتَ ڏي
مون سين هلي ساءِ، جا جيُ ميلو نہ ڪري.

٤

آتڻ منجھ پيريانَ، هو سيني جيڏيون (١)
مون سياڳي ساڻُ، ڪيرُ چلنديون چڙيون. (٢)

٥

